مولابخش ٻوهيو

# ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو تحقيقي جائزو

***Abstract:***

*This research study presents a comprehensive overview of Dr. Allahdad Bohio's scholarly, literary, linguistic, critical, and intellectual contributions. Dr. Bohio is regarded as one of the most significant figures in Sindhi literature, who viewed literature, language, and society as an integrated intellectual system and explained their interrelationship through a scientific and analytical approach.*

*A review of his life shows that he adopted hard work, dedication to knowledge, and a principled way of life as the foundations of his personality. While working in the field of education and teaching, he not only contributed to the intellectual development of students but also played an important role in improving the educational system.*

*In the field of linguistics, his most important contribution is his PhD thesis, "The Social Function of the Sindhi Language", in which he connected language with society and highlighted its social, cultural, and intellectual dimensions. He introduced sociolinguistics into Sindhi literary studies, thereby establishing a new academic tradition.*

*In the field of literary criticism, his book "Tanqeedoon (Criticism)" gave modern Sindhi criticism a scientific and logical direction, where objectivity, reasoning, and intellectual depth were established as fundamental principles of analysis. In research methodology, his book "Ilm-e-Tehqeeq (The Science of Research)" serves as a key reference for researchers, presenting research as a systematic and scientific process.*

*Intellectually, his book "Adab ja Fikri Muharrik (Intellectual Stimuli of Literature)" holds special importance, as it examines literature in relation to philosophy, history, sociology, classical Greek and Roman literature, Eastern intellectual traditions, evolutionary theories, and modern intellectual trends in great detail. He views literature not as an isolated entity but as a reflection and product of society and human thought.*

*Overall, Dr. Allahdad Bohio's scholarly work constitutes a foundational intellectual legacy in Sindhi literature, opening new pathways in research, criticism, linguistics, and philosophy. His thought continues to serve as a guiding light for new researchers and students, helping connect Sindhi literature with global intellectual traditions.*

**سنڌي** ادب جي تاريخ ۾ ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ دانشورن پنهنجي فڪر، تحقيق ۽ تنقيد جي ذريعي نہ رڳو سنڌي ادب کي ادبي سرمايي سان مالا مال ڪيو آهي، پر سماج جي فڪري اوسر ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، انهن مان ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جو نالو گهڻ پاسائين ۽ اثرائتي شخصيت طور سامهون اچي ٿو، جنهن سنڌي ٻولي، ادب ۽ سماج بابت نون علمي، فڪري ۽ تنقيدي رخن کي متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس علمي سفر مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ هن ادب کي صرف تخليقي اظهار تائين محدود نہ رکيو، پر ان کي هڪ باقاعده علمي ۽ فڪري شعبي طور ڏٺو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو دائرو وسيع ۽ گهڻ رخو رهيو آهي. هن تحقيق، تنقيد، لسانيات ۽ سماجي تجزيي جي ميدانن ۾ ڪم ڪندي، سنڌي ادب کي هڪ نئين فڪري سطح تي آندو. سندس لکڻين ۾ نہ رڳو ادبي سونهن ۽ فني پختگي ملي ٿي، پر انهن ۾ سماجي شعور، فڪري گهرائي ۽ علمي استدلال پڻ

نمايان نظر اچي ٿو. هن ادب کي سماج سان ڳنڍي پيش ڪيو ۽ ان جي مختلف پهلوئن کي سائنسي ۽ تنقيدي انداز سان سمجهڻ جي روايت کي هٿي ڏني.

سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد 3) جو مرتب آزادانور ڪاندڙو ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته: ”ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، سنڌي ٻوليءَ جو ڄاڻو، محقق، نقاد ۽ عالم هو. هن پنهنجي علمي ۽ تحقيقي ڪاوشن ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود اهڙا خال پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي اڄ تائين ئي رهندا پئي آيا.“[(1)]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سنڌي ادب ۾ جديد تنقيد جي لاڙن کي فروغ ڏيڻ سان گڏ تحقيق جي ميدان ۾ به نوان معيار قائم ڪيا. سندس فڪري نظرين سنڌي ادبي روايت کي وڌيڪ وسعت، گهرائي ۽ معنويت بخشي. هن جي ڪوششن سان سنڌي ادب ۾ فڪري تنوع پيدا ٿيو، جنهن نون محققن ۽ اديبن لاءِ به تحقيق ۽ تنقيد جا نوان در کوليا.

**حياتي ۽ تعليمي پسمنظر:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي 8 آگسٽ 1934ع تي ضلعي لاڙڪاڻي جي هڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتو. سندس تعلق هڪ سادي، محنتي ۽ اخلاقي قدرن سان مالا مال گهراڻي سان هو، جنهن سندس شخصيت ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. گهريلو ماحول ۾ ايمانداري، خودداري ۽ علم سان وابستگي جهڙيون خوبيون ننڍپڻ کان ئي سندس فڪر ۽ عمل جو حصو بڻجي ويون، جيڪي اڳتي هلي سندس علمي ۽ ادبي اوسر لاءِ مضبوط بنياد ثابت ٿيون.

ابتدائي تعليم هن پنهنجي ڳوٺ ۽ ڀرپاسي جي تعليمي ادارن مان حاصل ڪئي، جتي محدود سهولتن باوجود هن علم حاصل ڪرڻ لاءِ غير معمولي شوق، لگن ۽ محنت جو مظاهرو ڪيو. اعليٰ تعليم جي حاصلات لاءِ هن مسلسل جاکوڙ جاري رکي ۽ آخرڪار ايم.اي ۽ ايل ايل بي جون ڊگريون حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان سان گڏ هن پي.ٽي.سي (Primary Teachers Certificate) پڻ حاصل ڪئي، جيڪا سندس تدريسي شعبي سان سنجيده وابستگيءَ جو ثبوت پيش ڪري ٿي.

پيشورانه زندگيءَ جي شروعات هن هڪ استاد جي حيثيت سان ڪئي، جتي هن تدريس کي صرف روزگار نه، پر هڪ اهم سماجي ذميواري طور ورتو. هن شاگردن کي علم جي منتقلي سان گڏوگڏ سندن فڪري، اخلاقي ۽ سماجي تربيت تي پڻ ڌيان ڏنو. سندس تدريسي انداز ۾ سادگي، وضاحت ۽ فڪري گهرائي نمايان هئي، جنهن شاگردن تي مثبت اثر ڇڏيو. پنهنجي صلاحيتن، محنت ۽ علمي بصيرت جي بنياد تي هو تدريسي طور تعليمي شعبي ۾ اهم عهدن تي فائز رهيو، جتي هن نه رڳو انتظامي قابليت جو مظاهرو ڪيو، پر تعليمي بهتري لاءِ به اثرائتا قدم کنيا.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي زندگي مسلسل محنت، علم سان وابستگي ۽ اصول پسنديءَ جو عڪس پيش ڪري ٿي. هن پنهنجي ذاتي ترقي سان گڏ سماج ۾ علمي شعور جي واڌاري لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس حياتيءَ مان اهو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته، علم سان سچي وابستگي، مستقل مزاجي ۽ اعليٰ اخلاقي قدر انسان کي نه رڳو ذاتي ڪاميابي ڏانهن وٺي وڃن ٿا، پر سماج جي فڪري ۽ علمي ترقيءَ ۾ به اهم حصو وجهڻ جي سگهه عطا ڪن ٿا.

**لسانياتي خدمتون:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جون لسانياتي خدمتون سنڌي علمي دنيا ۾ نهايت اهم ۽ بنيادي حيثيت رکن ٿيون. هن سنڌي ٻوليءَ جي سائنسي اڀياس لاءِ جديد لسانياتي اصولن کي اختيار ڪندي، ان کي هڪ نئين فڪري رخ سان

متعارف ڪرايو. سندس سڀ کان اهم علمي ڪارنامو سندس پي. ايچ. ڊي ٿيسز ’سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج‘ آهي، جيڪا سنڌي لسانيات ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي. هن تحقيقي ڪم وسيلي هُن ٻوليءَ کي صرف لساني ڍانچي تائين محدود نہ رکيو، پر ان کي سماجي، ثقافتي ۽ ادبي تناظر ۾ پرکيو ۽ واضح ڪيو تہ ٻولي سماج جي ارتقا سان گهرو تعلق رکي ٿي.

’سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج‘ ڪتاب کان اڳ ۾، هن موضوع تي ڪو اهڙو ڪتاب نٿو ملي، جنهن ۾ هن قسم جي معلومات مليل هجي، پر سندس هي ڪتاب جيڪو سنڌي ٻوليءَ متعلق انساني جاگرافي، سماجي نفسيات توڙي جو ادب ۽ ٻوليءَ جي عام ۽ خاص سيني جزن متعلق هڪ اهم ڪتاب آهي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج‘ بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ ’انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ سنڌي زبان ۾ سنجيده تحقيقي ۽ تنقيدي ادب جي کوٽ آهي، هيءُ ڪتاب ان کوٽ جو پورائو ڪري ٿو.‘

سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد 3) ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد جي چيئرپرسن محترمه ڊاڪٽرفهميده حسين لکي ٿي تہ: ”مرحوم ڊاڪٽرالهداد ٻوهيو سنڌي ٻوليءَ ۾ سماجي لسانيات جي موضوع تي ٻهريون پي ايچ ڊي ڪندڙ محقق، عالم ۽ اعليٰ درجي جو نقاد هو. سندس ٿيسز جو عنوان ’سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج‘ هو ۽ اهو هڪ تمام اهم ۽ منفرد مقالو هو، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ تحقيق جا نوان رُخ ڏنا ۽ نيون روايتون وڌيون“(2)

ڊاڪٽر ٻوهيي جو هي ڪم سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ روايتي سوچ کان هٽي ڪري هڪ سائنسي ۽ تجزياتي تجزيو پيش ڪري ٿو. هن ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن جهڙوڪ اظهار، رابطي، ثقافتي منتقلي ۽ سماجي سڃاڻپ کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي، جنهن سنڌي لسانيات جي ميدان ۾ نوان بحث ۽ تحقيق جا در کوليا.

### ٻولي ۽ سماج جو تعلق:

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو پنهنجي تحقيق ۾ اهو مدلل انداز سان پيش ڪيو تہ ٻولي محض رابطي جو ذريعو نہ آهي، پر اها سماج جي فڪري، ثقافتي ۽ تاريخي ڍانچي جو عڪس پڻ آهي. هن جي نظر ۾ ٻولي سماج جي اندر ٿيندڙ تبديلين، قدرن، روايتن ۽ فڪر جي عڪاسي ڪري ٿي. جڏهن سماج ۾ تبديلي اچي ٿي تہ ان جا اثر لازمي طور ٻوليءَ تي پڻ پون ٿا، جنهن سبب ٻوليءَ ۾ نوان لفظ، نيون ترڪيبون ۽ اظهار جا نوان انداز پيدا ٿين ٿا.

”هونئن بہ انساني بنياد جي تخليقي تهذيب ۽ تمدن ۾ ٻولي بدلجندڙ ۽ مستند طاقت جيان ڪم ڪندي آهي. ٻوليءَ جو هيءُ ارتقائي ۽ جمالياتي پهلو ٻوليءَ جي ڪارج کي سماج جي ارتقا ۽ حياتيات سان لاڳاپي ۾ آڻي ٿو.“(3)

ان کان علاوه، هن اهو بہ واضح ڪيو تہ ٻولي سماجي سڃاڻپ جو اهم ذريعو آهي، جنهن وسيلي فرد پنهنجي ثقافت، تاريخ ۽ اجتماعي شعور سان ڳنڍيل رهي ٿو. اهڙيءَ ريت، ٻولي ۽ سماج جو تعلق هڪ ٻئي سان جڙيل آهي ۽ باهمي اثر پذير آهي.

### سماجي لسانيات:

ڊاڪٽر ٻوهيي سنڌي ادب ۾ لسانيات ۽ سماجي لسانيات جي شعبي کي متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن ٻوليءَ جي اڀياس کي سماجي حالتن، طبقاتي ڍانچي، ثقافتي قدرن ۽ تاريخي پسمنظر جي روشني ۾

سمجهڻ تي زور ڏنو. سندس تحقيق ذريعي اهو ممڪن ٿيو ته سنڌي ٻوليءَ کي مختلف سماجي حالتن ۽ گروهن جي حوالي سان وڌيڪ گهري ۽ سائنسي انداز ۾ پرکيو وڃي.

سندس پيش ڪيل خيالن ۽ نظرين سنڌي لسانيات کي هڪ نئين رخ ڏنو، جتي ٻوليءَ کي جامد ۽ الڳ حيثيت سان نه، پر هڪ زنده، متحرڪ ۽ سماج سان ڳنڍيل نظام طور ڏٺو ويو. هن جي ڪوششن سان سنڌي ادب ۾ تحقيق ۽ تنقيد جي نون رجحانن کي فروغ مليو، ۽ ايندڙ محققن لاءِ لسانياتي اڀياس جا نوان امڪان پيدا ٿيا.

اهڙيءَ طرح، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جون لسانياتي خدمتون، نه رڳو سنڌي ٻوليءَ جي سائنسي اڀياس کي هٿي ڏين ٿيون، پر ان کي عالمي لسانياتي فڪر سان هم آهنگ ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون.

**تنقيدي خدمتون:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سنڌي ادب ۾، تنقيد جي شعبي کي جديد فڪري ۽ سائنسي بنيادن تي استوار ڪرڻ وارن اهم عالمن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس ڪتاب 'تنقيدون' سنڌي ادب ۾ تنقيد جي حوالي سان ۾ هڪ اهم ڪم آهي، جنهن ذريعي هن تنقيد کي روايتي، تاثراتي ۽ تبصراتي انداز مان ڪڍي هڪ منظم، سائنسي ۽ تجزياتي رخ ڏنو. هن تنقيد کي صرف راءِ ڏيڻ يا سٺائي برائي جي اظهار تائين محدود نه رکيو، پر ان کي هڪ باقاعده علمي عمل طور پيش ڪيو، جنهن ۾ دليل، تجزيو ۽ فڪري بصيرت کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي.

ڊاڪٽر ٻوهيي جي تنقيدي ڪم مان سندس علمي سنجيدگي، فڪري گهرائي ۽ سماجي شعور چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿو. سندس تنقيد جي اهم خصوصيتن ۾ سائنسي ۽ منطقي انداز، سماجياتي آگاهي، فڪري وسعت ۽ ٻوليءَ جي سائنسي اڀياس تي زور شامل آهن. هن نه صرف ادب کي سماج سان ڳنڍيو، پر ادبي تخليقن کي انهن جي سماجي، ثقافتي ۽ نفسياتي پسمنظر ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڊاڪٽر ٻوهيي تنقيدون ڪتاب ۾ تنقيد جا ڏهه قسم ڏنا آهن، جنهن ۾ ادبي تنقيد، نظرياتي تنقيد، اخلاقياتي تنقيد، مذهبي تنقيد، نفسياتي تنقيد، جمالياتي تنقيد، سماجياتي تنقيد، افادياتي تنقيد، عملي تنقيد، ذاتي ۽ شخصي تنقيد کان علاوه نئين تنقيد بابت به هن ڪتاب ۾ معلومات جو تمام گهڻو ذخيرو موجود آهي.

تنقيدي طور ڏنو وڃي ته سندس لکڻين ۾ ڪڏهن ڪڏهن پيچيدگي ۽ علمي اصطلاحن جي گهڻائي نظر اچي ٿي، جيڪا عام پڙهندڙ لاءِ سمجهڻ ۾ ڪجهه ڏکيائي پيدا ڪري ٿي. بهرحال، علمي ۽ تحقيقي لحاظ کان اها خصوصيت سندس ڪم جي قوت ۽ معيار کي ظاهر ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته هن سنجيده ۽ گهري موضوعن کي علمي انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

**تنقيد جا قسم:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو تنقيد جي مختلف قسمن کي واضح انداز ۾ بيان ڪيو ۽ انهن جي اهميت تي روشني وڌي آهي. هن ادبي تنقيد کي گهڻن رخن سان سمجهڻ لاءِ مختلف طريقا پيش ڪيا، جن ۾ اهم هي آهن:

**ادبي تنقيد:** جنهن ۾ ادبي تخليقن جي فني، فڪري ۽ اسلوبي پهلوئن جو جائزو ورتو وڃي ٿو.

**سماجياتي تنقيد:** جنهن وسيلي ادب کي سماجي حالتن، قدرن ۽ مسئلن جي تناظر ۾ پرکيو وڃي ٿو.

**نفسياتي تنقيد:** جنهن ۾ تخليقڪار جي نفسيات ۽ احساسن جي بنياد تي ادب کي سمجهيو وڃي ٿو.

**جمالياتي تنقيد:** جنهن ۾ سونهن، فني حسن ۽ اظهار جي لطافت تي ڌيان ڏنو ويجي ٿو.

هن انهن سڀني قسمن کي گڏيل طور استعمال ڪرڻ تي زور ڏنو، جيئن ادب جو جامع ۽ متوازن جائزو پيش ڪري سگهجي.

**سائنسي تنقيد:**

ڊاڪٽر ٻوهيي جو هڪ اهم ڪارنامو تنقيد کي سائنسي ۽ منطقي بنيادن تي استوار ڪرڻ آهي. هن تنقيد کي جذباتي يا ذاتي پسند-ناپسند کان آزاد ڪري دليل، مشاهدي ۽ تجزيي تي ٻڌل بڻايو. سندس نظر ۾ هڪ سٺو نقاد اهو آهي، جيڪو ادبي تخليق جو غيرجانبدارانہ جائزو وٺي ۽ پنهنجي راءِ کي منطقي دليلن سان ثابت ڪري.

هن سائنسي تنقيد جي ذريعي سنڌي ادب ۾ هڪ نئين فڪري روايت کي جنم ڏنو، جنهن ۾ تحقيق، دليل ۽ تجزيو بنيادي حيثيت اختيار ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سنڌي تنقيد کي نہ رڳو نئون رخ ڏنو، پر ان کي علمي پختگي ۽ فڪري وسعت پڻ عطا ڪئي.

**فڪري خدمتون:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي فڪري خدمتن جو بنياد علم، شعور ۽ سماجي تبديليءَ جي باهمي لاڳاپي تي ٻيٺل آهي. هن پنهنجي فڪر ۾ اهو واضح ڪيو آهي تہ سماج جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ صرف مادي وسيلن کان وڌيڪ اهميت علمي آگاهي ۽ فڪري سجاڳي کي حاصل آهي. سندس نظر ۾ علم ۽ شعور اهي بنيادي قوتون آهن، جيڪي فرد ۽ سماج ٻنهي جي اوسر ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪن ٿيون.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي علمي ڪاميابين جو بنيادي راز سندس مسلسل جدوجهد ۽ فڪري جاکوڙ چئي سگهجي ٿو. زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اهي ئي شخصيتون نمايان ڪاميابيون حاصل ڪن ٿيون، جيڪي مشڪل پسندي، جاکوڙ ۽ فڪري گهرائي کي پنهنجو اصول بڻائن ٿيون. اهڙيون شخصيتون آسان ۽ سطحي رستن بدران محنت طلب ۽ تحقيقي رستا اختيار ڪن ٿيون، جنهن سبب سندن فڪر وڌيڪ گهرو ۽ پائيدار بڻجي ٿو.

ان جي برعڪس، آساني پسند رويو خاص طور ذهني ۽ فڪري سطح تي انسان کي نون تجربن، تحقيق ۽ فڪري وسعت کان پري رکي ٿو. هتي 'آساني پسندي' مان مراد جسماني آساني نہ، پر ذهني سستي ۽ فڪري غير سنجيدگي آهي، جيڪا علمي ترقي جي رفتار کي متاثر ڪري سگهي ٿي.

ڊاڪٽر ٻوهيي، سماجي تبديليءَ کي هڪ منظم ۽ گهڻ رخو عمل سمجهندي، ان جا ٽي بنيادي قسم بيان ڪيا آهن:

(1) تحقيق ۽ ايجاد ذريعي تبديلي، جنهن ۾ نون علمي لاڙن ۽ ايجادن وسيلي سماج اڳتي وڌي ٿو.

(2) تدريجي تبديلي، جيڪا آهستي آهستي سماجي قدرن، روين ۽ ادارن ۾ تبديلي آڻي ٿي.

(3) انقلابي تبديلي، جيڪا تيزيءَ سان سماج جي ڍانچي ۽ فڪر کي تبديل ڪري ٿي.

هن درجابندي وسيلي هن سماجي ارتقا کي سمجهڻ لاءِ هڪ واضح فڪري فريم ورڪ مهيا ڪيو آهي.

'ادب جا فڪري محرڪ' ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي ادب ۽ فڪر جي گهري لاڳاپي کي علمي ۽ تنقيدي انداز سان بيان ڪيو آهي. هن ادب کي صرف تخليقي اظهار نہ، پر انساني فڪر، شعور ۽ تجربي جي عڪاسي ڪندڙ هڪ

اهم ذريعو قرار ڏنو آهي. سندس خيال ۾ ادب انساني زندگيءَ جي فڪري ۽ جذباتي پهلوئن کي سمجهڻ لاءِ هڪ جامع وسيلو آهي، جيڪو سماج جي اندروني حقيقتن کي اجاگر ڪري ٿو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جو فڪري ۽ علمي دائرو انتهائي وسيع ۽ گهڻ رخو آهي. سندس فڪر ۾ انساني مسئلن جي ڇنڊڇاڻ، فلسفيانه پسمنظر، يونان ۽ روم جي عظيم ادبي روايت، ارتقا جي نظريي جا فڪري رجحان، ادبي تاريخ جا مختلف مرحلا، فڪر ۽ فلسفي جا بنيادي سوال، ويهين صديءَ جي عقلي ڇنڊڇاڻ، ادب ۽ ڪردارنگاري، سماجي تبديلي، ۽ مشرق جي فڪري ورثي جهڙا اهم موضوع شامل آهن. سندس فڪري سرمايو انساني شعور، سماجي ارتقا ۽ فڪري تاريخ جي گهري عڪاسي پيش ڪري ٿو.

سندس ڪتاب ’ادب جا فڪري محرڪ‘ سنڌي ادبي ۾ هڪ اهم ۽ بنيادي حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر ٻوهيو ادب کي هڪ اهڙي علمي ۽ فڪري عمل طور پيش ڪري ٿو، جيڪو انساني شعور جي سمورن مرحلن سان ڳنڍيل آهي. هن جو مقصد سنڌي ادب کي روايتي محدود دائري مان ڪڍي، عالمي فڪري روايتن سان هم آهنگ ڪرڻ آهي. هن ڪتاب ۾ ٻوهيو صاحب اهو واضح ڪري ٿو ته، ادب سماج کان الڳ ڪو آزاد وجود نه ٿو رکي، بلڪ اهو سماج جي فڪري، ثقافتي ۽ تاريخي ڌارائن جو عڪس آهي.

ڊاڪٽر ٻوهيو ادب ۽ فڪر جي تاريخي سفر کي تفصيل سان بيان ڪندي، پڙهندڙ کي انساني شعور جي ارتقا جي مختلف مرحلن مان گذاري ٿو. هن ۾ اوائلي دور جي فڪري رجحانن کان وٺي قرونِ وسطيٰ جي ادبي فڪر، جديديت جي تحريڪن ۽ فڪري تبديليءَ جي مرحلن تائين جو تجزيو شامل آهي. ان کان علاوه هن يونان ۽ روم جي ادبي ورثي تي به تفصيلي روشني وڌي آهي، جتي هن يوناني شاعريءَ ۾ آسڪيلس، سوفوڪليس، يوريپيڊس ۽ سافو جهڙن شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي، اُتي نثر ۾ سقراط، افلاطون، ارسطو ۽ هومر جهڙن مفڪرن ۽ انهن جي فڪري حيثيت کي بيان ڪيو آهي.

ساڳئي طرح، مشرق جي فڪري روايتن ۾ هن ويدڪ فڪر، گوتم ٻڌ، ڪنفيوشس جي حڪمت، زرتشت جي تعليمات ۽ قرآنِ حڪيم جهڙن مقدس ۽ فڪري ماخذن جو ذڪر ڪيو آهي، جن انساني شعور جي اوسر ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي.

حياتياتي ۽ سماجي فڪر جي حوالي سان هن ڊارون جي ارتقائي نظريي، مئڪڊوگل جي فڪري رجحانن ۽ ڊاڪٽر ٽراٽر جي سماجي اوسر بابت نظريي تي بحث ڪيو آهي، جن ذريعي انساني رويي ۽ سماجي ارتقا جي حياتياتي پاسن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ساڳئي وقت هن ادبي فڪر جي تاريخي رجحانن، ادب ۽ سماج جي لاڳاپي، ڪلچر، آرٽ ۽ تنقيد جي نظرياتي پهلوئن تي به تفصيلي بحث ڪيو آهي.

فڪر ۽ فلسفي جي ميدان ۾ ڊاڪٽر ٻوهيو خالص تنقيد، عقليت، سائنسي سوچ، روشن خيالي، مذهبي تصورن جي ڇنڊڇاڻ، آزاديءَ جي فلسفي، بيٿم، روسو، گاڊون، ڊارون، ڪارل مارڪس، وجوديت ۽ جدلياتي ماديت جهڙن فڪري لاڙن جو تنقيدي جائزو پيش ڪيو آهي. هن انهن سڀني نظرين کي انساني سماج جي ارتقا ۽ فڪري ترقيءَ سان ڳنڍيندي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ويهين صديءَ جي عقلي ڇنڊڇاڻ جي حوالي سان هن فلسفي، اخلاق، مذهب، آزادي، وجوديت، مارڪسيت ۽ وليم جيمس جي فڪر تي تنقيدي انداز ۾ روشني وڌي آهي، جنهن مان سندس وسيع علمي دسترس ظاهر ٿئي ٿي. ساڳئي وقت هن سماجي تبديليءَ جي حوالي سان تاريخي ارتقا، حڪومت، قومي تبديلي، ٽيڪنالاجي ۽ سماجي اٿل پٿل جهڙن موضوعن کي به شامل ڪيو آهي.

مجموعي طور تي ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جو هي فڪري ڪم اهو واضح ڪري ٿو ته ادب انساني زندگي، سماجي نظام ۽ فڪري ارتقا سان گهرو لاڳاپو رکي ٿو. سندس نظر ۾ ادب جي معنيٰ تڏهن مڪمل ٿئي ٿي، جڏهن اهو سماجي ۽ فڪري محرڪن سان جڙيل هجي.

**عالمي فڪر جو اثر:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو عالمي فڪر ۽ فلسفي جي اهميت کي تسليم ڪندي، انهن کي سنڌي ادب سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن يوناني، رومي ۽ جديد مغربي فلسفي جي مختلف پهلوئن کي سنڌي ادبي روايت سان لاڳاپيل ڪري پيش ڪيو، جنهن سان سنڌي ادب جي فڪري دائري ۾ وسعت پيدا ٿي. سندس نظر ۾ عالمي فڪر سان لاڳاپو قائم ڪرڻ سان، نه رڳو مقامي ادب جي سمجهه ۾ واڌارو اچي ٿو، پر ان کي بين الاقوامي فڪري ڌارا سان هم آهنگ ڪرڻ پڻ ممڪن ٿئي ٿو.

ڊاڪٽرالهداد ٻوهيي ماهوار ڪينجهر رسالي ۾ هڪ انٽرويو ۾ فلسفي بابت چيو آهي ته: ”فلسفي جو بنيادي موضوع زندگي آهي. زندگي کي دليل سان بيان ڪرڻ، اهو فلسفي جو مقصد آهي.“(4)

**ادب ۽ سماج:**

ڊاڪٽر ٻوهيي جي فڪر جو مرڪزي نڪتو ادب ۽ سماج جي باهمي لاڳاپي تي ٻڌل آهي. هن واضح ڪيو آهي ته، ادب سماج کان الڳ ڪا شئي نه آهي، بلڪ اهو سماج جي فڪري، ثقافتي ۽ اخلاقي قدرن جو عڪس آهي. ادب سماجي حالتن، مسئلن ۽ احساسن جي ترجماني ڪري ٿو ۽ ساڳئي وقت سماج تي اثرانداز به ٿئي ٿو.

هن اهو به بيان ڪيو آهي ته، ادب نه رڳو سماج جي عڪاسي ڪري ٿو، پر سماجي شعور کي بيدار ڪرڻ ۽ تبديلي آڻڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ادب کي هڪ فعال ۽ متحرڪ قوت طور ڏسي ٿو، جيڪا سماج جي فڪري اوسر ۽ ارتقا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿي.

**تحقيق جي ميدان ۾ ڪردار:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سنڌي علم و ادب جي دنيا ۾ تحقيق جي شعبي کي منظم، سائنسي ۽ اصولي بنيادن تي استوار ڪرڻ وارن اهم مفڪرن مان هڪ آهي. سندس ڪتاب ’علمِ تحقيق‘ سنڌي تحقيقي ادب ۾ هڪ بنيادي حيثيت رکي ٿو، جنهن ذريعي هن تحقيق جي نظرياتي ۽ عملي پهلوئن کي واضح ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ هن تحقيق کي صرف معلومات گڏ ڪرڻ جو عمل نه، پر هڪ منظم، منطقي ۽ سائنسي فڪر تي ٻڌل عمل طور پيش ڪيو آهي، جنهن جو مقصد حقيقت تائين پهچڻ آهي.

ڊاڪٽرالهداد ٻوهيو محققن لاءِ پنهنجي ڪتاب ’علم تحقيق‘ ۾ لکي ٿو ته: ”محقق لاءِ ضروري آهي، ته هو عام انساني مسئلن کان واقفيت رکڻ سان گڏ انسان دوستيءَ جو جذبو به رکندو هجي، چو ته تحقيق ڪئي ئي انهيءَ لاءِ ٿي وڃي ته ان سان انسان ذات کي فائدو ملي.“(5)

ڊاڪٽر ٻوهيي جي نظر ۾ هڪ سٺو محقق اهو آهي، جيڪو نه صرف علمي صلاحيت رکي، پر فڪري پختگي، اخلاقي ذميواري ۽ انساني احساس سان به سرشار هجي. هن تحقيق کي سماجي بهتري ۽ علمي ترقي سان ڳنڍيو پيش ڪيو، جنهن سبب سندس خيال سنڌي تحقيق جي ميدان ۾ هڪ نئون رخ اختيار ڪن ٿا.

ڊاڪٽرالهداد بوهيي جي خوبي اها به هئي ته، هن سدائين معلوماتي ۽ معياري ڪم ڪري پنهنجي قلم جي زينت بڻايو هو انهي ڏس ۾ پروفيسرساجد سومرو پنهنجي هڪ مقالي، 'ڊاڪٽرالهداد بوهيو جي پي ايڇ ڊي ٿيسز جو تنقيدي جائزو' ۾ لکي ٿو ته: "ڊاڪٽر بوهيي جي اها وڏي خوبي هئي ته، هن پنهنجي تحقيقي ۽ عملي تحرير ۾ هميشه مقدار آڏو معيار کي اهميت ڏني آهي، جنهن سبب هن جا پنج ئي ڪتاب بيحد معياري ۽ تمام گهڻي اهميت جا حامل آهن."(6)

**تحقيق جا اصول:**

ڊاڪٽر الهداد بوهيو تحقيق لاءِ ڪجھ بنيادي ۽ لازمي اصول مقرر ڪيا، جيڪي ڪنهن به علمي ڪم جي معيار کي يقيني بڻائين ٿا. انهن اصولن ۾ شامل آهن:

- **سائنسي سوچ:** تحقيق کي جذبات يا روايتن بدران مشاهدن، تجربن ۽ سائنسي طريقيڪار تي ٻڌل هجڻ گهرجي.
- **غير جانبداري:** محقق لاءِ ضروري آهي ته، هو پنهنجي ذاتي پسند يا ناپسند کان هٽي ڪري حقيقتن کي ايمانداري سان پيش ڪري.
- **دليل تي ٻڌل نتيجا:** هر تحقيق جو نتيجو مضبوط دليلن، ثبوتن ۽ تجزيي جي بنياد تي هجڻ گهرجي، نه ڪي مفروضن تي.

انهن اصولن وسيلي هن سنڌي تحقيق ۾ هڪ نئون معيار متعارف ڪرايو، جنهن سان علمي ڪم وڌيڪ معتبر ۽ منظم بڻيو.

**محقق جون خوبيون:**

ڊاڪٽر بوهيي محقق جي شخصيت لاءِ ڪجھ اهم اخلاقي ۽ علمي خوبيون ضروري قرار ڏنيون آهن. هن جي نظر ۾ هڪ ڪامياب محقق لاءِ ايمانداري سڀ کان اهم صفت آهي، ڇو ته تحقيق جو بنياد سچائي تي هوندو آهي. ان سان گڏ هن محنت، لڳاتار جاکوڙ ۽ علمي سنجيدگيءَ کي به لازمي قرار ڏنو آهي.

هن انساني همدردي کي به تحقيق جو اهم عنصر سمجهيو، ڇاڪاڻ ته علم جو مقصد صرف ڄاڻ حاصل ڪرڻ نه، پر انسانيت جي خدمت ۽ سماجي بهتري پڻ آهي. اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر الهداد بوهيو تحقيق کي هڪ اخلاقي، علمي ۽ سماجي ذميواري طور پيش ڪري ٿو، جيڪو سندس فڪري عظمت جو واضح ثبوت آهي.

**ادبي تخليقون:**

ڊاڪٽر الهداد بوهيو، نه رڳو هڪ محقق، نقاد ۽ مفڪر جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو، پر هو هڪ سگهارو ۽ باوقار تخليقڪار پڻ هو. سندس ادبي تخليقون سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۾ سندس فڪري وسعت، سماجي شعور ۽ فني ادراڪ جو اظهار ڪن ٿيون. هن جي لکڻين مان اهو واضح ٿئي ٿو ته، هو ادب کي صرف تفريح جو ذريعو نه، پر سماجي سجاڳي ۽ فڪري تربيت جو اهم وسيلو سمجهندو هو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي سنڌي ادب جي هر صنف ۾ پنهنجي قلم کي آزمايو آهي، جنهن ۾ ٻولي، سماج، لوڪ ادب، ڪهاڻي، ڊراما ۽ شاعريءَ جي مختلف موضوعن تي پڻ مضمون ۽ مقالا لکندو رهيو. ڊاڪٽر ٻوهيو جو شاعريءَ ۾ 'عاصم' تخلص هو، اها ڳالهه تہ گهٽن کي خبر آهي، پر ڊاڪٽرالهداد ٻوهيو سياسي ۽ فڪري مضمون 'ساجاهہ' نالي رسالي ۾ 'ڇتل گاڏهي' جي نالي سان پڻ لکندو رهندو هو، ساجاهہ رسالو خاڪي جوييي 1989ع ۾ جاري ڪيو هو.

همسفر گاڏهي پنهنجي وال تي لکي ٿو تہ، 'سائين ٻوهيو صاحب هڪ ڏينهن نيوز روم ۾ ڪچهري ڪندي، مونکي اهو چئي حيران ڪري ڇڏيو تہ، پاڻ مائٽ آهيون. مون تجسس ما ڪانئن پڇيو تہ سائين اهو ڀلا ڪيئن؟ ۽ تڏهن پاڻ سربستو ٻڌايائون تہ، خاڪي جوييي واري رسالي 'ساجاهہ' ۾ ڇتل گاڏهي جي نالي سان ڇپجندڙ سياسي ۽ فڪري مضمون لکندڙ ٻيو ڪير نہ، پر مان پاڻ آهيان.'

ڊاڪٽر ٻوهيي جي تخليقي ڪم ۾ سنڌي سماج جي حقيقتن، مسئلن، قدرن ۽ روايتن جي گهري عڪاسي ملي ٿي. هن پنهنجي لکڻين ذريعي سماج جي مختلف طبقن جي زندگي، انهن جي ڏکن، خوشين ۽ فڪري لاڙن کي فني انداز ۾ پيش ڪيو، جنهن سان سندس تخليقون وڌيڪ اثرائتي ۽ بامعنيٰ بڻجن ٿيون.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي شاعري فڪري گهرائي ۽ سماجي شعور سان ڀرپور آهي. سندس شاعريءَ ۾ انسان جي اندروني احساسن سان گڏوگڏ سماجي حقيقتن جي عڪاسي پڻ ملي ٿي. هن شاعريءَ ذريعي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جهڙوڪ محبت، انصاف، شعور ۽ تبديلي کي اجاگر ڪيو. سندس شاعري رڳو جذباتي اظهار نہ، پر فڪري پيغام ۽ سماجي سجاڳيءَ جو ذريعو پڻ آهي. سندس شاعريءَ جو هڪ ڪتاب 'چونڊي ڪٺو ڪٺو' آهي جيڪو اڻ ڇپيل صورت ۾ آهي.

ڊاڪٽر ٻوهيي عبدالڪريم تراب سان دوستيءَ جي ڪري بہ انگريزيءَ طرف لاڙو رکيو. ان سان گڏوگڏ هن جو واسطو قاضي عبدالغفار سان بہ هو. جيڪو هڪ سٺو شاعر هو. ۽ ان جي اثر ۾ ڊاڪٽر الهداد کي بہ شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيو. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو پنهنجي علمي ۽ قلمي پورهئي جي ابتدا هڪ نظم کان ڪئي، جيڪو ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي 1950ع يا 49ع ۾ ڇهين يا ستين ڪلاس ۾ پڙهڻ جي دوران لکيو هو. سندس اهو نظم قاضي عبدالغفار هن کي ٻڌائڻ کانسواءِ هڪ اخبار 'هاري حقدار' ڏي ڏياري موڪليو ۽ اهو نظم اخبار ۾ ڇپيو، جيڪا 1945ع ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جاري ڪئي هئي.

اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر ٻوهيي جي ادبي تخليق سنڌي ادب ۾ هڪ اهم اضافو آهي، جيڪا سندس علمي، فڪري ۽ سماجي شخصيت کي وڌيڪ نمايان بڻائي ٿي.

**سماجي ۽ فڪري نظريو:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جو سماجي ۽ فڪري نظريو سنڌي فڪر جي تاريخ ۾ هڪ منظم، سائنسي ۽ ترقي پسند سوچ جي نمائندگي ڪري ٿو. هن پنهنجي علمي ڪم ۾ سماج کي هڪ متحرڪ نظام طور ڏٺو، جيڪو مسلسل تبديلي، ارتقا ۽ فڪري اوسر جي مرحلن مان گذري ٿو. سندس نظر ۾ سماجي ترقي جو بنياد شعور، علم ۽ فڪري بيداري تي ٻڌل آهي، جنهن کان سواءِ ڪنهن بہ سماج جي پائيدار ترقي ممڪن نہ آهي.

”اسان سڀ سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ دنيا يعني سماج ۾ رهون ٿا، جيڪو ٻوليءَ سان گڏ ۽ ان جي ئي حدن اندر لڳاتار بدلجندو رهي ٿو ۽ ترقي ڪندو رهي ٿو.“[7]

ڊاڪٽر ٻوهيي سماجي تبديليءَ کي انتهائي اهميت ڏني ۽ ان کي مختلف مرحلن ۾ صورتن ۾ بيان ڪيو. هن جو خيال هو ته سماج هڪ جهڙو نه رهندو آهي، بلڪ اهو وقت، حالتن ۽ فڪري رجحانن مطابق بدلجندو رهي ٿو. ان تبديلي کي سمجهڻ لاءِ هن هڪ واضح فڪري فريم ورڪ پيش ڪيو. ڊاڪٽرالهداد ٻوهيي سماجي تبديليءَ بابت ٽي قسم ڄاڻايا آهن.

**تبديلي جا قسم:**

قديم دور ۾ جڏهن انسان شعور جي ابتدائي ڏاڪي تي هو. تڏهن انسان پنهنجي گهرجن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ هڪڙن آوازن کي جنم ڏنو، جنهن ۾ هو ڏک، غمي، خوشي جو اظهار ڪندا هئا. انهن ڪان پوءِ جڏهن انسان کي ٻولي جي ضرورت محسوس ٿي ته، هن آوازن کي هڪ ٻوليءَ جي شڪل ۾ آندو، پر ان ٻولي کي سمجهڻ جي لاءِ ان جي سکيا ۽ تعليم جي لاءِ انسان وٽ ڪي اهڙا اُپاءَ موجود ڪونه هئا، جن مان هو ان ٻوليءَ کي وڏيڪ سڌاري ۾ آڻي سگهي. پوءِ انسان لوڪ ادب جي صفن مان ان گهرج کي پورو ڪرڻ لڳو. يعنيٰ ٻولي لوڪ ادب جي صفن سان سفر ڪندي، هن شڪل ۾ اسان تائين پهتي آهي.

ڊاڪٽرالهداد ٻوهيو سنڌي لوڪ ادب بابت لکندي، پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج‘ ۾ لکي ٿو ته: ”صرف ڳجهارت ئي نه، پر لوڪ ادب جون سموريون صنفون ڏکين لفظن جو مطلب سمجهائڻ ۾ ڪارگر آهن. ڏور به معنيٰ ۽ تاريخ، لِڪ ۽ رمز، ڳجهارت به ونڊر عقل هوش ۽ ڏاهپ، هنر هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون ۽ گهڻين معنائن وارو هڪ لفظ هنر ڏور ڳجهارت سڀ ٻوليءَ جي سونهن ۽ ساهه جا ساڪي آهن. پر سچي ڳجهارت آهي ٻولي جو سفر.“[8]

ڊاڪٽرعبدالڪريم سنديلو پنهنجي ڪتاب ’لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو‘ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته: ”قديم دور ۾ جڏهن انسان وٽ تعليم جو نظام نه هوندو هو. ان وقت انسان پنهنجي ذهن جي نشونما لوڪ ادب جي صنفن مان ڪنداو هو.

”تبديل جيڪا ايجاد ۽ تحقيق جي عمل ذريعي اچي. ٻيو تبديل جو لاڳيتو عمل. ۽ ٽيون تبديليءَ جو ڌماڪيدار يا انقلابي عمل.“[9]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سماجي تبديليءَ کي ٽن بنيادي قسمن ۾ ورهايو:

1. تدريجي تبديلي: اها تبديلي جيڪا آهستي آهستي سماج جي قدرن، روين ۽ ادارن ۾ اچي ٿي ۽ وقت سان گڏ پنهنجو اثر ظاهر ڪري ٿي.
2. تحقيقي تبديلي: اها تبديلي جيڪا نون علمي لاڙن، تحقيق ۽ سائنسي سوچ جي نتيجي ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ سماج کي نون رخن ڏانهن وٺي وڃي ٿي.
3. انقلابي تبديلي: اها تيز ۽ بنيادي تبديلي آهي، جيڪا سماج جي پوري ڍانچي ۽ فڪري نظام کي بدلائي ڇڏي ٿي.

هن درجابندي وسيلي ڊاڪٽر ٻوهيي سماجي ارتقا کي سمجهڻ لاءِ هڪ منظم ۽ تجزياتي انداز مهيا ڪيو، جيڪو سنڌي فڪر ۾ هڪ اهم اضافو آهي.

**علم جو ڪردار:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي فڪر جو هڪ مرڪزي نڪتو علم جي اهميت آهي. هن علم کي سماجي ترقي جو بنيادي ذريعو قرار ڏنو ۽ واضح ڪيو ته ڪنهن به قوم جي ترقي ان جي علمي سطح سان سڌي طرح ڳنڍيل هوندي آهي. سندس نظر ۾ علم صرف معلومات جو نالو نه آهي، پر اهو شعور، فڪر ۽ عمل جي اهڙي قوت آهي، جيڪا سماج کي مثبت تبديلي ڏانهن وٺي وڃي ٿي.

هن اهو به بيان ڪيو ته، تعليم ۽ تحقيق ذريعي سماج ۾ شعور پيدا ٿئي ٿو، جيڪو ماڻهن کي صحيح فيصلا ڪرڻ، مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن جا حل ڳولڻ جي صلاحيت ڏئي ٿو. اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر ٻوهيي جو سماجي ۽ فڪري نظريو علم، شعور ۽ تبديليءَ جي گڏيل عمل تي ٻڌل هڪ جامع فڪري نظام پيش ڪري ٿو، جيڪو سنڌي فڪر ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو.

**تنقيدي جائزو:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سنڌي علمي، ادبي ۽ فڪري دنيا ۾ هڪ اهڙي شخصيت طور سامهون اچي ٿو، جنهن پنهنجي تحقيق، تنقيد ۽ فڪر ذريعي نون رجحانن کي جنم ڏنو. سندس مجموعي ڪم جو جائزو وٺڻ سان اهو واضح ٿئي ٿو ته، هن سنڌي ادب کي روايتي حدن مان ڪڍي هڪ سائنسي، سماجياتي ۽ تجزياتي فريم ورڪ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس لکڻيون نه رڳو علمي حيثيت رکن ٿيون، پر انهن ۾ فڪري وسعت ۽ سماجي شعور پڻ نمايان نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر ٻوهيي جي ڪم جو تنقيدي جائزو وٺندي سندس ڪيترائي مثبت پهلو سامهون اچن ٿا، جيڪي ڪيس سنڌي فڪر جي اهم معمارن ۾ شامل ڪن ٿا. جيڪي هيٺ هن ريت بيان ڪجن ٿا:

**ٻوليءَ جو سائنسي اڀياس**

- لسانيات ۾ جدت: سنڌي ٻوليءَ کي جديد لسانياتي اصولن تحت پرکيو.
- سائنسي انداز: روايتي طريقن بدران سائنسي تحقيق کي فروغ ڏنو.

**ادبي تنقيد ۾ واڌارو**

- مستند تنقيد: سنڌي ادب ۾ بي لچڪ ۽ تعميري تنقيد جو بنياد رکيو.
- جديد نظريا: مغربي تنقيدي نظرين کي سنڌي ادب تي لاڳو ڪيو.
- سچائي: ذاتي پسند ناپسند کان هٽي رڳو معيار کي اهميت ڏنائين.

**سنڌي سماج ۽ ثقافت جو اڀياس**

- سماجي لسانيات: ٻوليءَ جو سنڌي سماج ۽ ثقافت سان گهرو سڳو واضح ڪيو.
- لوڪ ادب: سنڌ جي لوڪ ادب ۽ ثقافتي ورثي تي گهري تحقيق ڪيائين.
- فڪري سجاڳي: سنڌي ماڻهن جي ذهني ۽ فڪري اوسر لاءِ لکيو.

**تعليمي ۽ تحقيقي خدمتون**

- رهنمائي: نئين نسل جي محققن لاءِ واٽ روشن ڪئي.
- تحقيقي مقالا: سندس ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج' هڪ شاهڪار تحقيقي ڪم آهي.
- سهوليت: پيچيده علمي موضوعن کي سادي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو.

**اهم خوبيون:**

**علمي گهرائي:** سندس تحريرن ۾ موضوعن جي گهري ۽ جامع تشريح ملي ٿي، جيڪا پڙهندڙ کي فڪري طور سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي.

**سائنسي انداز:** هن ادب، ٻولي ۽ سماج جي اڀياس کي جذباتي بدران منطقي ۽ سائنسي بنيادن تي پيش ڪيو آهي.

**سماجي شعور:** سندس ڪم ۾ سماج جي مسئلن، قدرن ۽ تبديليءَ بابت واضح آگاهي موجود آهي، جيڪا سندس فڪر کي وڌيڪ بامقصد بڻائي ٿي.

انهن خوبين سبب ڊاڪٽر ٻوهيي جو ڪم سنڌي ادب ۾ هڪ مضبوط علمي حوالو بڻجي ويو آهي، جيڪو اڄ به تحقيق ڪندڙن لاءِ رهنمائي جو ذريعو آهي.

**ڪمزور پهلو:**

تنقيدي طور ڏٺو وڃي ته ڊاڪٽر ٻوهيي جي تحريرن ۾ ڪجھ اهڙا پهلو به ملن ٿا، جيڪي عام پڙهندڙ لاءِ مشڪل پيدا ڪري سگهن ٿا. سندس لکڻين ۾ علمي اصطلاحن ۽ پيچيده فڪري بيانن جي گهڻائي ڪٿي ڪٿي پڙهندڙ جي رواني کي متاثر ڪري ٿي. نتيجي طور، عام قاري لاءِ سندس سموري فڪري گهرائي تائين پهچڻ هميشہ آسان نٿو رهي. بهرحال، هي خصوصيت علمي سطح تي سندس ڪم جي وقعت کي گهٽ نٿي ڪري، بلڪ اهو سندس تحريرن جي سنجيده، تحقيقي ۽ تخصيصي نوعيت کي ظاهر ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جو مجموعي ڪم سنڌي ادب ۾ هڪ اهم علمي سرمايو آهي، جنهن جا مثبت پهلو گهڻا ۽ اثرائتا آهن.

**نتيجا:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سنڌي ادب، ٻولي ۽ فڪر جي دنيا ۾ هڪ اهم مفڪر، محقق ۽ نقاد جي حيثيت رکي ٿو. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن وسيلي سنڌي ادب ۾ نوان فڪري لاڙا متعارف ٿيا، جن تحقيق ۽ تنقيد کي هڪ منظم، سائنسي ۽ سماجياتي رخ عطا ڪيو. هن نه رڳو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مطالعي لاءِ نوان اصول پيش ڪيا، پر سماج ۽ ادب جي باهمي لاڳاپي کي به واضح انداز ۾ اجاگر ڪيو.

سندس فڪر جي اهم خصوصيت اها آهي ته هن روايتي سوچ کان هٽي ڪري جديد علمي طريقن کي اختيار ڪيو ۽ سنڌي ادب کي عالمي فڪري ڌارائن سان هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جون علمي خدمتون سنڌي لسانيات، تنقيد، تحقيق ۽ سماجي فڪر جي ترقي لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿيون.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جو علمي سرمايو اڄ به تحقيق ڪندڙن، شاگردن ۽ محققن لاءِ هڪ اهم رهنمائي جو ذريعو آهي، جيڪو نون علمي ۽ فڪري رستن کي روشن ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت، هو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي شخصيت طور ياد رکيو وڃي ٿو، جنهن علم، شعور ۽ فڪر ذريعي سنڌي ادبي دنيا کي نئين سڃاڻپ عطا ڪئي.

## حوالا

1. ڪانڌڙو آزاد انور، 'سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون'، جلد 3، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2008ع، ص:5.
2. ساڳيو، ص.4.
3. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1978ع، ص:8.
4. سنائي، ناز: ماهوار ڪينجهر، حيدرآباد، سنڌ، 1994ع، ص:28 29.
5. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، 'علم تحقيق'، نيوفيلڊس پبلڪيشن، حيدرآباد، 1999ع، ص:25.
6. سومرو الهوسايو ڊاڪٽر، (ايڊيٽر) 'ڀٽائي' (تحقيقي جرنل)، جلد:2، شمارو: 2، 2016ع، ص:27.
7. ٻوهيو، الهداد ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1978ع، ص:8.
8. ساڳيو، ص:135.
9. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، 'ادب جا فڪري محرڪ'، سنڌ ساهت گهر، حيدرآباد، 2012ع، ص:307.